اَلا شال سمجهون، مَقامِ سنائي،
اسان جي سُڃاڻپ جنهن آ ڪرائي،
رکي ڪين ڪنهن لاءِ مَن ۾ مدائي،
سدا جنهن جي سيني ۾ سڀ لاءِ سڻائي،
سڄي عُمر اَرپيائين، سنڌ ۽ سنڌين کي،
اِهو آهي ’آسي‘ اسان جو سنائي.

(آسي زميني)

# فهرست


- پنهنجي پاران: واحد ڪانڌڙو
- ٻه اکر: نواز آريسر
- پوڙهو باغي (نظم): شيخ اياز


## سائين جي.ايم سيد جو جيون خاڪو


- جنم، ننڍپڻ
- تعليم:
- سماجي ۽ سياسي زندگي:
- گانڌيءَ سان ملاقات:
- انجمن سادات مٽياريءَ جو قيام:
- لوڪلبورڊ جي ميمبر جي حيثيت ۾ اسڪولن جو قيام:
- سنڌ جي ممبئي کان آزادي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ:
- ڪراچي ضلعي ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ جو بنياد وجهڻ:
- سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وجهڻ
- ڪراچيءَ جي مختلف جماعتن جو ميمبر:
- سنڌ جي بمبئي کان آزادي ۽ سيد جي مسلم ليگ ۾ شموليت:
- وزارتون ملڻ کانپوءِ ادارن جو بنياد وجهڻ:
- الهه بخش سومري جي شهادت:

- پهريون ڀيرو نظربند ٿيڻ:
- پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جو قيام:
- متحده محاذ جي پليٽ فارم تان چونڊجي اچڻ
- اينٽي ون يونٽ فرنٽ قائم ڪرڻ
- بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد:
- 4 مارچ 1967ع واقعو۽ ايوبي آمريت
- سنڌ متحده محاذ جو قيام:
- ون يونٽ جو ٽٽڻ:
- جيئي سنڌ محاذ جو بنياد وجهڻ:
- لاڏاڻو:
- اولاد
- سنڌي ڪتاب
- اردو ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب
- انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب
- شاعرن جي سيد کي ڀيٽا

❒

# پنهنجي پاران

او منهنجا سائين، منهنجا رهبر! توهان هي ڪهڙو خواب ڏٺو بظاهر تہ گُلاب جي گُلن جي خوشبوءِ هو، پر اُن جي ساپيان لاءِ اهو ڪهڙو عذاب هو، جيڪو تو نہ سَنو! عشق جو امتحان شروع ٿي ويو، جيلن جا دَر کُلي ويا، نظربنديءَ جا حُڪمناما، تقرير ۽ تحرير تي بندش، ڪتابن تي پابنديون، هُنن جي طرف کان صرف ۽ صرف حُڪم هُئا، پر تو پنهنجا نيڻ بند ڪري، پنهنجي محبوب قوم جي آزاديءَ لاءِ سڀ ڪجهہ سَنو ڪڏهن ڪنهن کان شڪايت نہ ڪئي. تو پنهنجي خواب جي معصوم پکيءَ کي وقت جي بازن کان لڪايو. اهو سپنو، جيڪو مظلوم ماڻهن جي نيڻن جو تو وٽ امانت هو. جنهن جنهن ڏٺو تنهن سَٽُ ۾ سِرُ ڏيڻ جي آچ ڪئي.

او منهنجا سائين، سن جا سائين، سنڌو درياهہ جي ڪناري وٽان، پاٽيءَ تو ٻُڪ پري، هن غلاميءَ جي اُجاريءَ قوم جي اُج لاهڻ لاءِ، هر هر ڪٽي اچڻ جي ڪوشش ڪئي. لڪيءَ جا جبل توکي ڏسي رهيا هُئا، شاهدي تہ رني ڪوٽ بہ ڏيندو، پر منهنجا سائين! تنهنجو خواب محڪوم ماڻهن جي نيڻن ۾ سمائجي چُڪو آهي، هن مٽيءَ جي خوشبوءِ ۾ تُنهنجي رُوح جو هُڳاءُ آهي. سن جا سائين! تُنهنجي معصوم عشق جو پڙاڏو، صدين پُڄاڻا تاريخ جي هر دَور ۾ سڏ کي سڏ ڏيندو رهندو. هي **’تاريخ جو پڙاڏو‘** تاريخ جي ورقن مان هڪ گُل جي صورت ۾ آندو اٿم، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ٿورن سان تُنهنجي عاشقن کي قبول پوي.

تاريخ
3 جنوري 2017ع

خادمِ سنڌ
**واحد ڪاندڙو**

# پہ اکر

انسان جي زندگيءَ جو فڪري محرڪ سوچ آهي، انسان جڏهن سوچڻ شروع ڪري ٿو تہ اُن جي سامهون ڪيترائي مسئلا ڪر ڪڻي جاڳن ٿا، ۽ جڏهن انسان اُنهن مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو تہ فيصلي ڪُن گهڙيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

جڏهن انسان فيصلو ڪرڻ تي اچي ٿو تہ هُو ڪنهن نہ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انسان بنيادي طور هڪ سوچيندڙ جِيو آهي: پوءِ اُها سوچ اجتماعي هُجي يا انفرادي، سماجي هُجي يا قومي. سوچ جو عمل جيئن هلندو رهي ٿو، تيئن اُن ۾ نوان خيال جنم وٺن ٿا ۽ ڪيترائي نتيجا حاصل ٿين ٿا.

(ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو)

ٻوهيي صاحب جي مٿين نُڪتن جي روشنيءَ ۾ سائين جي.ايم. سيد جي زندگيءَ جي سيني پاسن کي ڏسجي تہ، سائين جي.ايم. سيد جي سوچ جو دائرو وسيع هو. سندس سوچ انفرادي نہ، پر اجتماعي هُئي: جيتوڻيڪ ڪيترائي ماڻهو انفرادي طور سوچيندا آهن ۽ انفرادي زندگي جيئڻ جا عادي هوندا آهن، پر سائين ڪڏهن بہ انفرادي طور نہ سوچيو. سندس سوچ ۽ لوچ، سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هُئي، هن پنهنجي زندگيءَ جي مختلف وقتن ۾ ڪيترائي تاريخ ساز فيصلا ڪيا: سياسي طور ڪيتريون تبديليون آنديائين، پر سوچ ۽ فيصلن ۾ تبديل نہ ٿيا تہ سندن مضبوط ارادا، تبديل نہ ٿيو تہ سندس نظريو. اهڙيءَ ريت سائين جي.ايم. سيد جي زندگي، عمل جي ميدان ۾ گُذري. پاڻ سدائين عوام جي هُجومن ۾ رهيو ۽ عوام سان گڏ رهيو.

هڪڙو وقت هو جڏهن پير، مير، وڏيرا پُٺتي جي سحر ۾ ورتل هُئا. اُن وقت سنڌ جو شعور سيد سان بيٺل هو ڇاڪاڻ تہ سيد اُنهن جي رُوح جي ڳالهہ ڪئي هُئي. اُنهن جي احساسن کي زبان سيد ڏني هُئي. ورهاڱي وقت جڏهن سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن جي هڪڙي وڏي آبادي، سنڌ کان لڏي هند هلي وئي هُئي، اُن وقت سيد ئي اُهو ماڻهو هو جنهن اُن کوٽ کي محسوس ڪندي ’ادب ڇو ۽ ڇالاءِ‘ جهڙو فڪري مضمون لکيو ۽ اُن ۾ ادب جي سيني پاسن تي تفصيلي لکيو ۽ اديب جي ڪردار کي پڌرو ڪيو. نہ فقط ايترو پر سيد اُهو پهريون ماڻهو هو جنهن شاهہ لطيف جي قومپرستيءَ ۽ انسان دوستيءَ واري پاسي کي ’پيغامِ لطيف‘ جهڙو ڪتاب لکي نِروار ڪيو. اهڙيءَ طرح سائين جي.ايم. سيد ’قومي ڪلچر‘، ’سنڌ جا سُورما‘ ۽ ’سنڌوءَ جي ساڃاهہ‘ جهڙا فڪري ڪتاب لکي، سنڌي ماڻهن کي هڪڙو دڳ مُهيا ڪري ڏنو. اُن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي شعور کي اُڀارڻ ۽ اُن کي سنئين دڳ تي آڻڻ وارو پهريون ماڻهو سائين جي.ايم سيد آهي.

اڪثر چيو ويندو آهي تہ قومي تحريڪ نتيجا حاصل نہ ڪري سگهي آهي، پر آءٌ فقط ايترو چوندس تہ جي قومي تحريڪ نتيجا حاصل نہ ڪري سگهي آهي تہ پوءِ ماڻهو حق گُهرڻ لاءِ روڊن تي ڪيئن آيا؟ پاڻيءَ جي کوٽ هُجي يا بجليءَ جي اکبوٽ هُجي، هر وقت سنڌي ماڻهو احتجاج ڪري ٿو. نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ تي سنڌي ماڻهو اقتدار جي مسند تي ويٺلن جي ڳچين ۾ هٿ وجهي ٿو. ايوانِ صدر ۾ ويٺل ماڻهو بہ اڄ اهو چوي تہ مون کي اُن ڪري برداشت نہ ٿو ڪيو وڃي، جو آءٌ سنڌي صدر آهيان. ڇا اِها جي.ايم سيد جي نظريي جي فتح ناهي؟ ڇا اِها قومي تحريڪ جي محنتن جو نتيجو ناهي؟ دنيا جو ڪهڙو اهڙو مُلڪ آهي، جنهن چند ڏينهن ۾ آزادي ورتي هُجي؟ ڪڏهن

ڪڏهن جدوجهد جا مرحلا صدين تائين هلندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن آزاديءَ جي خوبصورت مومل پيو نسل ماڻيندو آهي. بنيادي ڳالهہ هوندي آهي غلاميءَ کي سمجهڻ جي، غلاميءَ کي نندڻ جي، غلاميءَ مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي؛ ۽ جدوجهد جا اُهي طريقا اسان کي جي.ايم سيد سيکاريا آهن. غلامي ۽ آزاديءَ جي فرق کان اسان کي جي.ايم سيد واقف ڪيو آهي. سيد ڪو سياستڪار نہ هو جو هُو صرف اليڪشن جي لاءِ سوچي، پر هُو رهبر هو مفڪر هو ۽ مفڪر ايندڙ نسلن جي لاءِ سوچيندا آهن. هُو اُنهن نسلن جي لاءِ اهڙو خوبصورت باغ پوکي ويندا آهن، جنهن جو ميوو کائيندي هُو سرهائي محسوس ڪري سگهن، لذت ماڻي سگهن. سيد ايندڙ نسلن جي سوچ پنهنجي ذهن ۾ رکي، اقتداري سوچ کان پاسيرو ٿيو ۽ ايندڙ نسل جو ڳاٽ فخر سان اُوچو ڪرڻ خاطر جيل جون صعوبتون سٺائين ۽ نظربنديون پوڳيائين.

سائين جي.ايم سيد، جيتري سنڌ سان محبت ڪندو هو سنڌي ماڻهو بہ ساڻس اوتري محبت ڪندا هُئا. پهراڙين جا عام ماڻهو کيس ’جيئينم‘ ڪوٺيندا هُئا، جنهن جي معنيٰ آهي ’سدائين جيئي‘ حشو ڪيولراماڻيءَ کي پنهنجو ’استاد‘ مڃيندڙ سيد کي بنگلاديش جي عظيم اڳواڻ شيخ مُجيب ’رهبر‘ جو خطاب ڏنو هو ۽ پاڻ کي سيد جو سياسي شاگرد سڏائيندو هو. اُهو حشو جنهن کان جڏهن سنڌ ڇڏائي وئي هُئي تہ هُو ڄڻ بيگانو ٿي ويو هو. پارت جي گهٽين ۾ رولاڪيون ڪندڙ حشو ماڻهن کي چوندو هو تہ سنڌ اهڙي ماڻهو کي جنم ڏنو آهي، جيڪو اسان کي پيهر سنڌ وٺي ويندو. پر اُن حشوءَ جو هند ۾ اُهو قدر نہ ٿي سگهيو ۽ هُو رولاڪين ۾ پٽڪندي اوچتو گُم ٿي ويو. اهڙيءَ ريت سيد کي پهريون پيرو ’سائين‘، جديد سنڌي شاعريءَ جي باني شيخ اياز

ڪونيو هو ۽ پوءِ واقعي هُو سچي سنڌ جو سائين ۽ رهبر بڻجي ويو. محمد امين کوسو پنهنجي هر خط ۾ سيد کي 'مُحبيم' (مُنهنجا محب) لکندو هو ۽ سائين جي.ايم سيد هر قومي ڪارڪن کي خط جي جواب ۾ 'مُحبيم' لکندو هو.

وقت ۽ حالتون انسان کي گهڻو ڪُجهہ سيکاريندا آهن. سائين جي.ايم سيد بہ حالتن کان گهڻو ڪُجهہ سِکيو هو ۽ هُن انهن مرحلن مان گُذرندي, سنڌ جي جڙ تہ حقيقي تصوير جوڙي ورتي هُئي; جنهن لاءِ هن پنهنجي مجازي عشق جي بہ قُرباني ڏئي ڇڏي هُئي ۽ سچي زندگي 'آزاد سنڌ' جا خواب اکين ۾ سانڍي رکيا هُئائين. کيس پُورو ويساهہ هو تہ سنڌ ضرور آزاد ٿيندي ۽ اُنهيءَ آزاديءَ لاءِ جاکوڙيندي, هُن تنقيدن جا تير بہ سَٺا, ڪوڙيون فتوائون بہ ٻُڌيون, دوستن جون دغابازيون بہ برداشت ڪيون, پر پنهنجي نظريي تان هڪ پَل لاءِ بہ نہ ٿِڙيو. اهو سندس عشق جو ڪمال هو.

ڪي ماڻهو شخصيتون ٺاهيندا آهن, ڪي ماڻهو تاريخ جوڙيندا آهن ۽ ڪي ماڻهو نظرين جا فاتح هوندا آهن; پر سائين جي.ايم سيد, اُهو ماڻهو هو, جنهن ۾ اُهي سموريون خوبيون مِڙيل مُٺ ٿيون هُيون. کيس نہ ڪا فتويٰ ٽوڙي سگهي ۽ نہ ڪا تنقيد پنهنجيءَ راهہ تان هٽائي سگهي. سيد جيڪي شخصيتون ٺاهيون, اُنهن بہ پاڻ ملهايو. آءٌ سمجهان ٿو, سنڌ جي اندر جيتري تنقيد سائينءَ تي ڪئي وئي, ايتري ٻئي ڪنهن تي شايد ئي ٿي هُجي! اڄ جڏهن شعور جون ڏياٽيون ٻرڻ لڳيون آهن تہ اُهي سمورا نقاد کيس پنهنجو رهبر تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن. سائين جيڪي بہ فيصلا ڪيا, سي وقتائتا ڪيا; جيتوڻيڪ چيو ويندو هو تہ سيد وقت کان اڳ ۾ 'آزاديءَ جو نعرو' ڏنو. اُن حوالي سان واضح ڪندو هلان تہ ون يونٽ جي دَور ۾ جڏهن سائينءَ

’بزمِ صوفياءِ سنڌ‘ جو بنياد وڌو هو تہ، حيدر بخش جتوئي سميت سيني اُن جي مخالفت ڪئي هُئي تہ هن قهري دور ۾ اهڙي ڳالھہ ڪرڻ، سواءِ نقصان جي ٻيو ڪُجهہ بہ پلئہ نہ پوندو! پر اُتي موجود شيخ اياز چيو هو تہ ’سيد جو وقتائتو فيصلو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين فوجين کي اِها ڳالھہ سمجهہ ۾ ايندي، تيستائين هيءَ تحريڪ گهڻو اڳتي نڪري چُڪي هُوندي،‘ پوءِ وقت ثابت ڪيو تہ ’بزمِ صوفياءِ سنڌ‘، سنڌ ۾ هڪڙي اهڙي شعور کي اُڀاريو ۽ فڪر جي اهڙي لاٽ ٻاري، جو اُن کي وِسائڻ، فوجين جي وس ۾ ئي نہ رهيو. ساڳئي طريقي سان سائينءَ جڏهن ’جيئن ڏٺو آهہ مون‘ لکيو هو، تڏهن بہ اڪثريت راءِ اها هُئي تہ هي ڪتاب هن وقت نہ لکڻ گُهربو هو. نتيجي طور اُهو ڪتاب ڇپيو ۽ بندش بہ پئي، پر تاريخ سيد جي اُونهيءَ سوچ جو اِيپاس ڪري ڇڏيو آهي، جو اڄ اُهو ئي ڪتاب سنڌي، اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڇپجندو رهي ٿو ۽ ڏينهون ڏينهن ان ڪتاب جي اهميت وڌندي رهي ٿي. ڪالھہ تائين ’جيئي سنڌ‘ جو نعرو، موت جو وارنٽ هو، پر اڄ اسيمبليءَ ۾ بہ ’جيئي سنڌ‘ جي نعري جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي تہ جماعت اسلاميءَ جي جلسن ۾ بہ جيئي سنڌ جو نعرو ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو. ان مان ثابت ٿيو تہ سائين، هتان جي سسٽم کي سمجهي چُڪو هو، اُن ڪري هُن هر فيصلو سوچي سمجهي پئي ڪيو. هُن چاهيو ٿي تہ اِهي سڀ ڳالهيون هُنن کان هضم ڪرائيبيون ۽ پوءِ آهستي آهستي ماڻهو پاڻهي اصل مقصد ڏانهن موٽ ڪائيندا.

ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جا اعلان اڄ ڪٽي ڪير بہ ڪري، پر ثقافت کي اُجاگر ڪرڻ وارو سيد ئي آهي، اڄ جي سڄي سنڌ ٽوپي اجرڪ تي جُهمريون ٿي هڻي تہ اِهو ٻج بہ سيد جو ڇٽيل آهي. اِها سيد جي سوچ ۽ نظريي جي ڪاميابي آهي. سيد لاءِ چيو ويندو هو تہ هُو

دهريو آهي، پر هُن جي زندگيءَ جو جائزو وٺجي تہ سائينءَ جهڙو مُتقي ۽ پرهيزگار ٻيو ڪو ڪونہ هُوندو. سائينءَ جا خطبا پڙهي ڏسجن، اُنهن ۾ ’قرآن پاڪ جون آيتون‘ موجود آهن، ۽ ٻين مذهبن جي تعليمات جا بہ عڪس موجود آهن، جن جي سائينءَ تشريح پڻ ڪئي آهي. سائين، ڪارڪنن سان اولاد ڪان بہ وڌيڪ پيار ڪندو هو. اڄ ڪو هڪڙو اهڙو ليڊر ڏيکاريو، جيڪو اهڙو عمل ڪندو هُجي!

اُن ڪري سائين جي.ايم سيد کي سمجهڻو آهي تہ اُن جي جيون ۾ جهاتي پائڻي پوندي، سندس زندگيءَ ۽ عمل کي پرکڻو پوندو.

اسان جي دوست واحد ڪانڌڙي، سائين جي.ايم. سيد جي جيون خاڪي کي ترتيب ڏئي، **”تاريخ جو پڙاڏو“** جي نالي سان هيءُ ڪتابچو ڇپرايو آهي، اهو اسان جي عام ماڻهوءَ لاءِ سائينءَ جي شخصيت کي سمجهڻ ۾ مدد فراهم ڪندو. جيتوڻيڪ هيءُ جيون خاڪو اڳ ۾ بہ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ ڇپيل آهي، [۽ اُن جي تياريءَ ۽ نظرثانيءَ جو ڪم ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ تاج جويي جو هو بلڪ اُن جو 75٪ حصو تاج جويي جو ئي لکيل آهي.] پر واحد ڪانڌڙي، اُن کي نندين نندين عنوانن ۾ ورهائي، هن ڪتابچي جي صورت ۾ آڻي آساني پيدا ڪئي آهي، ان لاءِ هُو جس لهڻي.

**نواز آريسر**
حيدرآباد

**تاريخ**
22 ڊسمبر 2016ع

لَڳَن مٿان سِجَ ۾، ڪنهن جِي ڪنهن جِي سارَ!
ڪيئي سَاٿِي سَڄَ جا، ڪُلهي ڪوڏيا يارَ
وِڙهندي جن جا ويڙهہ ۾، اَچَا ٿِيا وارَ
اَڙِي موتَ مَيارَ! جيڏو روزُ جُدا ڪَرِين!

–

سوچي ٿو بَارُود سان، روز پَري جهولِي،
شال ڪڏهن بندوق مان، گُسي نہ گولِي،
اَنيائِي ٽولي، مَرٽِي آهي مُون هَٿان.

–

جِئن هُو جُهونو ڪير ٿَرُ، هي بہ اِيئن اسٿَرُ،
پَڪِي پِيڙهہ پَهاڙَ ڪي، ڌرتيءَ ۾ آڌَرُ
آهي جَڙُ تہ اَمَرُ، بيٺو جهلي جَهڪَ ۾!

❒

**اولاد:**

سائين جي. ايم. سيد کي ٽن ڌيئرن ۽ ٻن پُٽن جو اولاد ٿيو. سندس وڏو پُٽ امير حيدر شاهه قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلي سنڌ جو ميمبر رهيو. سندس ٻئي فرزند سيد امداد محمد شاهه سياست ۽ سماجي خدمتن ۾ وڏو نالو ڪڍيو. صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر به رهيو. سندس وڏي ڌيءَ جو نالو جيجي زرين تاج هو ۽ ٻي نياڻيءَ شمع ايمن ۽ آخري ڌيءَ ڊاڪٽر دُرشهوار سيد آهي، جن مان ڊاڪٽر دُر شهوار "شاهه لطيف جي عالمي پيغام" تي ايڊنبرا يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ. ڊي ڪئي ۽ ڪيترا سال شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچيءَ جي ڊائريڪٽر رهي، ۽ سماجي ڪمن ۾ به سرگرم رهي، اُن ڪانسواءِ عورتن ۾ سجاڳيءَ آڻڻ لاءِ هن عورتن جي تنظيم (A.S.W.A) آل سنڌ وومين ائسوسيئيشن جو بنياد وڌو. تحقيق جي فن تي بهترين ڪتاب تيار ڪيائين ۽ شاهه جي رسالي کي ٽن زبانن ۾ ترجمو ڪري ڇپايائين، شاهه سائينءَ تي ببليوگرافي تيار ڪيائين. سندس انهن ڪمن تي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي مٿس فخر آهي. سندس پوٽو سيد جلال محمود شاهه، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر رهيو آهي ۽ هن وقت "سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي" ناهي سياست ۾ سرگرم آهي. سيد جلال محمود شاهه جو ڊپٽي اسپيڪر وارو دَور سُٺو رهيو.

❐

تنهنجي ٻولي آ هنج جي ٻولي،
هي ستارا نہ جهلملائن ڇو؟
تو جهلي آ زمين جي جهولي.

ڪونہ آهين ڏنو انڌيرن ڪان،
سونهن جهڙو سُهاءُ آهين تون،
گرجندي برسندين هوائن سان،
ڪنهن ڪڪر جو اُهاءُ آهين تون.

تُنهنجي تصوير ڪان بہ ڇِرڪن ٿا،
قيد ۾ جن سدا رکيو توکي،
تون هوائن جي ٿي وئين وائي،
شاهہ جي پيار جيئن ٻکيو توکي.

تُنهنجي دل جي دعا سڀن جي لئہ
شال مورن جيان نچي ڌرتي،
سرءَ جي شل سڙي وڃي موسم،
شال ٿولارجي رچي ڌرتي.

ڪو رني ڪوٽ ٿو سڏي توکي،
ڪا مياٽي پڇي پئي تنهنجو!
ڪنهن بلاول جو روپ ٿي ارڏو،
ڪا ڪهاٽي پُڇي پئي تنهنجو!

